ڊاڪٽر مخمور بخاري

# آڪي منٺار مين ٿئي مستاني...

## (منٺار فقير راڄڙ جي ڪافيءَ جو جائزو)


**Abstract:**

*Manthar Fakir was a prominent Neo-Classical poet of Sindhi language. He was born in 1865 in the village Khaani Rajar, Taluka Khypro, District Sanghar, and died in the same village in 1935 A.D. He was a disciple of the most remarkable poet of Kaffi, Makhdoom Amin Pakhan Dhani, the 13th descendant of the Shrine of Makhdoom Nooh (R.A.) under whose patronage, he composed, poetry. Still, Sarwari Jamaet Fakirs sing his "Dahar" with great enthusiasm and sanctity. Manthar Fakir has displayed his artistic genius by experimenting on different techniques of Sindhi literature and language such as: Rhymed verse, alliterated verse, verse in praise of the prophet and other saints (Molud and Madeh), Elegy and Kaffi. He has written about 1400 Kaffis out of which 900 are printed. His collections: Risalo Murtazai, Risalo Rehnmai, Risalo Khudai are printed whereas one Risalo Sadae is not printed yet.*

*Manthar Fakir is an eminent poet in Sndhi and Siraiki Kaffi. He has created novelty and innovation in Kaffi by bringing a great change in it through different techniques. Meanwhile, in thought, his Kaffis relate to the subjects of beauty, love, anxiety, grief, and Oneness of God (Wehdat-ul-wujood). In brief, Manthar Fakir is a distinguished poet in the line of ancestry of the Shrine of Hazrat Makhdoom Nooh (R.A.) whose kaffi occupies a prominent place in sindhi and Siraiki language and literature.*


**انسان** جي طبيعت ۾ سونهن ۽ سُرهاڻ کي پسند ڪرڻ جي حس تہ موجود آهي ئي پر هو هر نئين ڏينهن ڪائنات ۾ موجود اسرارن ۽ رازن کي ڳولهيندو ڦولهيندو، انهن تي غور ۽ فڪر بہ ڪندو رهي ٿو. هن جي ان عمل پويان سندس ذهني اوسر ڪارفرما آهي. هر فرد پنهنجي پنهنجي صلاحيت جي بنياد تي پاڻ کي پنهنجي عمل سان ظاهر ڪري ٿو. شاعر، اديب اهڙن فردن ۾ ان ڪري بہ اهم آهن جو هو ماضي سان پاڻ کي ڳنڍيي حال ۾ هلندي بہ مستقبل جي نويد ڏين ٿا. هڪ فرد جنهن دؤر ۾ زنده آهي، ان ئي دؤر ۾ زنده رهي ٿو، پر اديب، شاعر ايندڙ دؤرن ۾ پنهنجي سوچ، خيالن ۽ تخليق سان بہ زنده رهي ٿو، يعني هو هر دؤر ۾ موجود نہ هوندي بہ موجود





آهي. اها ڏات/ ڏاهپ انسان کي قدرت طرفان تحفي طور عطا ٿئي ٿي؛ اِن ڪري اُن تي اِهو فرض لاڳو ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي اُن ڏاهپ کي پوري سچائي، دل جي خلوص ۽ ذميداريءَ سان پيش ڪري!

هِن سموري صورتحال ۾ جن بہ فردن پنهنجي قلم کي مقدس سمجهي پوري سچائي، دل جي خلوص ۽ ذميواريءَ سان ڪنيو ۽ اُن جي حُرمت قائم رکي تہ اهڙا فرد نہ فقط تاريخ جي ورقن ۾ زنده رهيا، پر عوام جي دلين تي پڻ سندن حڪمراني رهي. اهڙن مخلص، همدرد، ذميوار ۽ حق سان نباهيندڙن جي قطار ۾ ڪيترائي نامور نالا بيٺل نظر اچن ٿا. اهڙن ئي شخصيتن ۽ هستين مان ڪافيءَ جو ڀهڳٽو شاعر منٺار فقير راڄڙ پنهنجي ڪافيءَ جي عوامي انداز، رنگ، ڍنگ ۽ لئہ ڪاريءَ سبب اهم آهي، جيڪو سروري سلسلي جو پڪو پختو شاعر آهي.

سروري خاندان جو جدامجد حضرت مخدوم نوح رح پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اهل الله درويش، شاعر ۽ قرآن شريف جو مفسر هو. هن جا ست سنڌي بيت ملن ٿا، جيڪي فني طور دوهي ۽ سورٺي جي هيئت ۾ آهن، تہ فڪري طور انهن ۾ سمايل خيال تصوف جي مختلف مرحلن جو بنياد آهي:

اُپٺيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اڪڙين، عجب پر پسڻ جي.[1]

ان ئي خاندان مان تصوف بابت اهم ڪتاب 'رسالہ فتحيہ' لکندڙ عالم، مخدوم فتح محمد پئدا ٿيو، تہ ڪافيءَ جو خوبصورت شاعر مخدوم امين محمد 'پکن ڌٽي' پڻ پئدا ٿيو. ساڳئي وقت موجوده دؤر ۾ مخدوم طالب المولیٰ جهڙو ڪافي، بيت، غزل، مثنوي وغيره جو نرالو ۽ عام مقبول شاعر جو نالو بہ ڳڻن پريو ملي ٿو. مخدوم امين محمد پکن ڌٽي، پنهنجي حياتيءَ ۾ حق جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ راهوندڙ ۾ پکا اڏي گوشہ نشيني اختيار ڪئي. ساڳئي وقت هن ڪافي، بيت، مولود ۽ مرثيو پڻ چيو*. اهڙيءَ ريت هُن جي حلقي ۾ ڪي ٻيا شاعر بہ موجود هئا. انهن اهم شاعرن ۾ منٺار فقير راڄڙ، حيدر شاه اجناٽي (اول)، سيد فاضل شاه حيدرآبادي، مخدوم غلام نبي عرف ميان پنيلڌو خاص طور ذڪر جوڳا آهن.

مخدوم امين محمد پکن ڌٽيءَ (جيڪو درگاه مخدوم نوح رح جو تيرهون گادي نشين هو) جي سلسلي جا شاعر ڳڻيا ويندا.[2]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منٺار فقير راڄڙ سنه 1865ع ۾ ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ تعلقي ڪپري ۾ قبول محمد راڄڙ جي گهر جنم ورتو. اسم اعظم پنهنجي مرشد مخدوم امين محمد پڪن ڏٺيءَ ڪان ورتائين، سندن وصال ڪان پوءِ مجاز جي مهميز جو شڪار ٿيو. جلد ئي پڪن ڏٺي خواب ۾ مليو، ڪيس مجاز ڪان حقيقت ڏانهن وٺي آيا. سندس متعلق مختلف لکتن ۾ انهن واقعن جو احوال موجود آهي.(3) حقيقي رنگ ۾ رڱجڻ ڪان پوءِ زندگيءَ جو ڪجهه حصو اوليائن، درويشن ۽ فقيرن جي آستانن، درگاهن ۽ اڱڻن تي سير سفر ۽ خدا جي خدائيءَ ڪي ڏسڻ، پرکڻ ۽ ان تي سوچ ويچار ڪرڻ خاطر صرف ڪيائين. تصوف جي رازن رمزن ڪي سمجهڻ بعد ان ڪي سمجهائڻ ۽ پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ شعر چوڻ شروع ڪيائين، پنهنجو ڪلام چڱي تعداد ۾ پاڻ ئي محفوظ ڪرايائين. راڳداريءَ ڪان به چڱي طرح واقف هو. سندس سمورو ڪلام مختلف راڳن، راڳڻين تي سرجيل ۽ ترتيب ڏنل آهي. فقير جي محفل ۾ چيڙ پيل(4) ۽ الهڏني فقير ماڇيءَ(5) جهڙا راڳي، ڪافير ۽ شاعر موجود هئا. جيڪي نه رڳو منٺار فقير جو ڪلام ڳائيندا هئا، پر انهن منٺار فقير جي موجودگيءَ ۾ سندس ڪلام مختلف راڳن ۽ روپن ۾ ترتيب ڏنو. 'رسالو خدائي' جي پهرئين ڇاپي تي 'ڪوشش ڪندڙ: چيڙ پيل ۽ الهڏنو فقير ماڇي' لکيل آهي.(6) جنهن مان پڪ ٿئي ٿي ته منٺار فقير جي ڪلام ڪي راڳن، سُرن ۽ رُوپن ۾ هنن ٻنهي راڳين ئي ترتيب ڏنو.

منٺار فقير جي ٻين طالبن ۾ دائود فقير(7)(ٻڙودا، احمد آباد)، احمد فقير(8)، پريل فقير پٽ چيڙ پيل، اسماعيل فقير راڄڙ(نزد پٽ شاهه)، احمد، مگڻ، محبت، جميل، حمير، خير محمد، گلڻ(9) ڏنو، خميسو، جڙيو، حڪيم، موڏيو ميگهواڙ، علي شير ۽ سندس پوٽو ولي بخش راڄڙ(10) ذڪر لائق آهن. جن مان ڪي رند مشرب شاعر هئا. مٺن فقير سائينءَ جي فڪر ۽ صحبت جو اثر موجود آهي.

منٺار فقير 10 شوال 1353هه/ 16 جنوري 1935ع تي وفات ڪئي. ڪيس پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تي دفن ڪيو ويو.(11)

## منٺار فقير جو ڪلام:

منٺار فقير راڄڙ باشعور ۽ صوفي رنگ ۾ رڱيل شاعر هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ تصوف جون رمزون به سمجهايون آهن، ته مجاز جا واهڙ به وهايا آهن. هڪ باشعور ۽ ذميدار شاعر جي حيثيت ۾، پاڻ پنهنجو لڳ ڀڳ سمورو ڪلام چئن رسالن ۾ ترتيب





ڏيارپائين، جن مان ٽي رسالا پنهنجي حياتيءَ ۾ ڇپرايائين، اهڙي طرح سندس ڪلام ضايع ٿيڻ ڪان بچي ويو ۽ سدائين لاءِ محفوظ ٿي ويو.

## رسالن جو تعارف:

**رسالو صدائي:** روايتن موجب فقير صاحب لڳ ڀڳ ٻارنهن سال سير سفر ۾ گذاريا. ان سموري سفر دوران پاڻ جيڪو ڪلام چيائين، اهو اِن رسالي ۾ شامل آهي. فقير صاحب هي رسالو خود قلمي رهڻ ڏنو. تنهن ڪري اج تائين ڇاپيو نه ويو آهي. رسالي 'صدائيءَ' ۾ گهڻي ڀاڱي ڪافيون گڏ ٿيل آهن. جيڪي هڪ اندازي موجب ٽي ڪان چار سَوَ جي لڳ ڀڳ هونديون. جن مان ويهه ڪافيون رسالي 'خدائي' ۾ نموني خاطر شامل ڪيون ويون آهن. جن تي به راڳ جو نالو لکيل آهي. جن سُرن يا راڳن جون ڪافيون درج ڪيون ويون آهن، اهي آهن: ڪيڏارو، جهنگلو، تلنگ، قصوري، سارنگ، پهاڙي، پيروي، ڪونسيو ۽ ملاري.

**رسالو مرتضائي:** هن رسالي ۾ مذهبي ڪلام گڏ ٿيل آهي، جهڙوڪ: پنجتن جي شان، خاص طور ڪربلا جي واقعي بابت ٻاهٺ ڪافيون، چار مولود (جن ۾ پڻ مرثيي وارو مضمون آهي.)، چوويهه ۽ ٽيهن بندن جون به مداحون (جيڪي پڻ امام حسينؓ جي درد جو غم نامو آهن)، رب پاڪ ۽ پنجتن جي بارگاهه ۾ پندرنهن بندن جو 'سوالنامو'، ستاويهه بندن جي نصيحت 'قيامت نامي' جي عنوان هيٺ، ان ڪان پوءِ ٻارنهن بندن جي مداح شريف ( جنهن جو موضوع پڻ امام حسينؓ آهي) ۽ آخر ۾ ڪيڏاري جا 12 بيت پڻ شامل آهن.

رسالي 'مرتضائيءَ' ۾ جيڪي ڪافيون آيل آهن، انهن تي به سُر، راڳ ۽ وچت لکيل آهي، جنهن موجب ڪلياڻ ۾ پنج، تلنگ ۾ ڇهه، ڪيڏاري ۾ ست، راٽي ۾ پنج، ڪانرو ۾ چار، ملاري ۾ ڏهه، پيروي ۾ ارڙنهن، جهنگلي ۾ ٻه، پرياتي ۾ ٻه ۽ بلاول ۾ هڪ ڪافي آهي. جڏهن ته انهن جي تار چئنچل، ڪلواڙو، دادرو، تين تال، اولنگهه ۽ اڏڪ آهي. چئن مولودن مان فقط ٻن مان هڪ تي ملاري ۽ ٻئي تي سارنگ لکيل آهي.

رسالو 'مرتضائي' پهريون ڀيرو سنه 1928ع ۾ ٻيراٽيءَ جي سيٺين جميعت راءِ ولد راءِ صاحب نارائڻداس ۽ پرتاب راءِ ولد شامنداس، مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد مان ڇپرايو هو. ان جو ٻيو ڇاپو سن 1987ع ۾، ٽيون ڇاپو سنه 2007ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان، ۽ چوٿون ڇاپو پڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان فيبروري 2014ع ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇاپي پڌرو ڪيو آهي.

**رسالو رهنمائي:** هن رسالي ۾ فقير صاحب پنهنجي مرشدن جي شان ۾ ڏهر چيا آهن. مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي ٿيندڙ ميلي جي موقعي تي ڏهر چيا ويندا آهن، "ڏهر حقيقت ۾ سنڌي شاعري جي عظيم غير عروضي صنف آهي، جيڪا الف اشباع واري دور کان شروع ٿي ۽ اڄ تائين قائم آهي، ڏهر، راڳ پيروي ۽ جوڳ ۾ آلاپيا ويندا آهن."(12)

منٺار فقير جي رسالي رهنمائيءَ ۾ پندرنهن بابن ۾ ڏهر ترتيب ڏنل آهن، جن جو وچور ڪجهه هن ريت آهي: باب پهرئين ۾ پندرنهن حمديه ڏهر، باب ٻئي ۾ ڪلمي بابت ارڙهن ڏهر، باب ٽئين ۾ طلب بابت ستاويهه ڏهر، باب چوٿين ۾ مخدوم نوح رحه بابت ٽيويهه ڏهر، باب پنجين ۾ سومارن بابت تيرنهن ڏهر، باب ڇهين ۾ مخدوم محمد امين پکن ڏٽيءَ بابت نَو ڏهر، باب ستين ۾ مخدوم محمد زمان بابت ارڙهن ڏهر، باب اٺين ۾ مخدوم ظهيرالدين بابت ڏهه ڏهر، باب نائين ۾ مخدوم غلام محمد 'گل سائين' بابت ڏهه ڏهر، باب ڏهين ۾ مخدوم غلام حيدر بابت يارنهن ڏهر، باب يارهين ۾ مخدوم غلام محمد جي مسافريءَ بابت ايڪيتاليهه ڏهر، باب ٻارهين ۾ مخدوم طالب المولیٰ جي منزلن بابت پنجويهه ڏهر، باب تيرهين ۾ سماع بابت اٺ ڏهر ۽ باب چوڏهين ۽ پندرهين ۾ نصيحت بابت نو ۽ پنجويهه ڏهر شامل آهن. جڏهن ته مرشدن جي شان ۾ ٽيويهه سنڌي ڪافيون مختلف راڳن جهڙوڪ ڪلياڻ، پيروي، ڪوئيسو، جهنگلو، بلاول، بسنت، ڪنيات، مارئي، قصوري، سارنگ ۽ ڏناسري سُرن ۾ ترتيب ڏنل آهن. ساڳئي وقت ٻه لوليون جنهن مان هڪ 'سرور شاهه' مرشد جي شان ۾ ۽ ٻي 'عاجزي ۽ دعا پنڻ جي حق ۾'، سه حرفيءَ جي انداز ۾ چيل آهي. آخر ۾ 'صدا نامو' آيل آهي، جيڪو ٽيڏي ڪافيءَ جي انداز ۾ آهي.

هن جي پهرئين ڇاپي ۾ ارڙهن ڪافيون شامل هيون. جڏهن ته 'صدا نامو' کي شايد 'سوالنامو' عنوان ڏنل هو. راڄ محمد پليءَ جي مضمون 'منٺار فقير ۽ سندس ڪلام' (ٽماهي مهراڻ 1-1967ع) ۾ اهڙو ذڪر ڪيل آهي. شايد ٻئي ڇاپي ۾ ڪافين جو تعداد وڌايو ويو ۽ مذڪوره عنوان به تبديل ڪيو ويو.

رسالي رهنمائيءَ جو پهريون ڇاپو سنه 1929ع ۾ مسٽر پرتابراءِ ولد شامنداس ٻيراڻيءَ جي مالي مدد سان مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو. ان جو ٻيو





ڇاپو مرڪزي بزم طالب المولیٰ سنڌ طرفان سال 1984ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون ڇاپو، 2007ع ۾، ۽ چوٿون ڇاپو 2014ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٿي شايع ٿيو.

**رسالو خدائي:** منٺار فقير جو هي رسالو سڀ کان ضخيم آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ اٺ سو ڇهه (806) سنڌي، سرائڪي ۽ اردو (ريخته) ۾ ڪافيون ۽ ستهتر بيت ۽ ڏوهيڙا گڏ ٿيل آهن. سمورين ڪافين مٿان راڳ ۽ وڃت لکيل آهي. جن موجب ڪلياڻ ۾ 38، تلنگ ۾ 42، بروي ۾ 23، راڻي ۾ 5، بلاول ۾ 29، ڪانرو ۾ 13، ملاريءَ ۾ 74، سورٺ ۾13، پيرويءَ ۾ 84، نوريءَ ۾ 4، لوڙائو ۾ 11، جهنگلو ۾ 73، قصوريءَ ۾ 49، ڪنيات ۾ 6، ڪوئسيو ۾ 39، پهاڙيءَ ۾ 61، ڪوهياريءَ ۾ 25، حسينيءَ ۾ 18، بسنت ۾ 16، ڪيڏاري ۾ 6، مانجهه ۾ 28، جوڳ ۾ 53، آسا ۾ 13، مارئيءَ ۾ 19، ڏناسريءَ ۾ 12، پرڀاتيءَ ۾ 14 ڪافيون ۽ آسا ۾ هڪ ڪافي شامل آهن. جڏهن ته انهن جي وڃت (تار) ڪلواڙو، ٽين تار، دادارو، اولنگهه ۽ اڏڪ آهن. ستهتر بيت، ڏوهيڙا سمورن روپن سان سهيڙيل آهن. انهن کي رسالي جي سمورين ڪافين سان گڏ ڳائي سگهجي ٿو.

رسالي 'خدائي' جي پهرئين ڇاپي کان ٻئي ڇاپي ۾ ڪجهه تبديليون نظر اچن ٿيون. راڄ محمد پليءَ جي مضمون پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته شايد پهرئين ڇاپي ۾ ڪافيون اڻاويهن داستانن ۾ ورڇي، اوڻٽيهين داستان ۾ 91 ڏوهيڙا ۽ بيت ڏنا ويا هئا ته ان سان گڏو گڏ ڪافيءَ جا ٽل ۽ جريان نمبرن سان فهرست ڏنل هئي ۽ پڻ راڳن جي به جدا فهرست ڏني وئي هئي. هن ٻئي ڇاپي ۾ داستانن جي ورڇ ختم ڪري سمورين ڪافين کي گڏائي رکيو ويو آهي. سرائڪي ۽ اردو (ريخته) ڪافي مٿان به ڪا نشاندهي ناهي. ساڳئي وقت فهرستون به گم آهن. تنهن ڪري خبر نٿي پئي ته ڪهڙو داستان / قصو ڪٿي ختم ٿيو ۽ ٻيو ڪٿان شروع ٿيو. فهرست جي نه هجڻ سبب ڪنهن به ڪافيءَ جي ڳولها آسانيءَ سان نٿي ڪري سگهجي. بيتن.. ڏوهيڙن مان به چوڏهن بيت ٻئي ڇاپي ۾ گهٽ آهن.

رسالو خدائي به ٻيراڻيءَ جي ساڳين سيٺين جي مالي معاونت سان سال 1929ع ۾ ساڳي پريس مان ڇپيو. ان جو ٻيو ڇاپو سال 1987ع ۾ درگاهه طرفان ڇپيو، جنهن جا پروف ناميارا شاعر نياز همايونيءَ ڏنا. ٽيون ڇاپو سال 2011ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**مخدوم امين محمد پڪن ڏٽيءَ جو منٺار فقير تي اثر:**

منٺار فقير، درگاهه نوح رح سان لاڳاپيل هو. سندس سمورو خاندان ان درگاهه جو مريد آهي. مخدوم امين محمد پڪن ڏٽي ان وقت سروري گاديءَ تي هو، جنهن کان ئي فقير صاحب فيض حاصل ڪيو هو. هو پنهنجي مرشدن لاءِ بي انتها احترام رکندڙ هو. حضرت نوح رح ننڍي کنڊ ۾ قرآن ڪريم جو پهريون فارسي مفسر، سنڌي شاعر ۽ اهلِ الله ۽ عالم دين هو. ان برگزيده هستيءَ کان ئي سروري خاندان جي گادي شروع ٿئي ٿي. منٺار فقير پنهنجي ڪافي ڪلام ۾ مخدوم نوح رح جي ثنا ڪندي نظر اچي ٿو. چئي ٿو:

❋ نظر ڪر نوح نرمل نر، صدر سرتاج سائين سرور،
توتي آهي راض رحماني، تو سر تي تاج سلطاني،
مدد تنهنجي شير سبحاني، نواز نبي پيغمبر.

❋ ڪر ڪا نوح فقير نظر،
تونهين دلبر آس، تو منجهه آسر،
توتي راز رسول جو وو ميان، وو جنهن جو ثاني ناهي شمس قمر

❋ نرمل نوح فقير جو، اچي اسم ٿيو اظهار،
تنهن دولهه جي درگاهه جو، مريد آهي منٺار،
پني تو پينار، پاڳا پرم ايمان جا.

(رسالو رهنمائي، ص 45-88)

❋ نالو مجيئون ٿي 'نوح فقير' جو، سرور هو سردار فقيرن جو

(رسالو خدائي، ص 516)

ان ئي تسلسل ۾ پنهنجي مرشد مخدوم امين محمد پڪن ڏٽيءَ جي شان ۾ به ڪلام چيو اٿس. مخدوم امين محمد، عابد، زاهد ۽ اهلِ دل انسان هو، ته ساڳي وقت پاڻ ڪافيءَ جي به خوبصورت شاعر هجڻ سان گڏوگڏ بيت، ڏوهيڙي، مرثيي جو به نرالو شاعر ٿي گذريو آهي، اهڙي ئي نظر جي صاحب جي صحبت ۾ منٺار فقير رچي ريتو ٿيو. سو ان جو اثر فقير تي ڏسي سگهجي ٿو. منٺار فقير پنهنجي مرشد جي شان ۾





چيل ڏهر ۾ چئي ٿو:

ميان امين محمد اُجرا، تون پيرن ۾ پڌرو،
مشعل ملڪن ۾، آهين سرور سوجهرو،
ڪامل تنهنجي قدرت جو، ناهي پار پرو،
مرشد ساري ملڪ ۾، تون چنڊ چوڏهينءَ وارو،
تو تي رب راضي ٿيو، پيو محمد موچارو،
ڪج مهر منٺار تي، جتي ترندو ترارو،
اُتي ورائيج وارو، ته محشر مرڪندو ٿيان.

(رسالو رهنمائي، ص 49)

مخدوم امين محمد پڪن ڏٽي، سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ جو اعليٰ شاعر هو. هن لڳ ڀڳ چوڏهن[14] مختلف راڳن، سُرن ۾ ڪافيون چيون، جن مان فقط اٺيتاليهه ڪافيون 'ڪليات امين' ۾ محفوظ آهن. جيڪي سُريليون، ساديون ۽ فني فڪري طور پختيون آهن. هن صاحب قافين جي مَٽ سَٽ سان ڪيترائي گهاڙيٽا به گهڙيا، جنهن سان ڪافيءَ جي فن تي سندس دسترس نظر اچي ٿي. ڪافيءَ ۾ اهڙا تجربا اڳ به ٿيندا رهيا آهن، پر هر شاعر پنهنجي خيال موجب تجربا ڪيا آهن. جنهن سان سندن ڪافيءَ ۾ وڌيڪ لئه ڪاري پيدا ٿئي ٿي. اهڙي لئه ڪاري کان سواءِ ته ڪافي، ڪافي ئي نٿي ٿي سگهي. چاڪاڻ ته ان جو بنياد خالص راڳ تي ئي آهي. مخدوم صاحب جي ڪافي به مترنم ۽ سليس آهي:

بانگ الستي ربي، چئي عشق جن تي آيو،
ميدان معرفت ۾، ڪونتل تنين ڪڏايو.

ڏسي عشق جا اشارا، وهندا سي ڪيئن وچارا،
نيٺين وهائي نارا، هَيءَ هَيءَ جو هُل مچايو.

(ڪليات امين، ص 137)

منٺار فقير به ڪافيءَ جو باڪمال شاعر آهي، هن به يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، ٽيٽي ۽ چئوٽي ڪافيءَ جي قافين ۾ مَٽ سَٽ ڪري ڪيترائي تجربا ڪيا، جنهن سان سندس ڪافيءَ ۾ به وڌيڪ لئه ڪاري پيدا ٿي پئي آهي. ساڳئي وقت فڪري حوالي سان، پنهنجي مرشد جي پيش ڪيل خيال جي مناسبت سان هن به پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فني طور فقير جي هي ڪافيءَ مخدوم امين جي ڪافيءَ جي پيران چيل آهي. موضوعاتي طور به ٻنهيءَ ۾ هڪجهڙائي موجود آهي.

لڳا وڃي يار سان، دوست دلدار سان وو،
نيڻ نماڻا، تنهن سهڻي سردار سان وو،
دوست دل نيڙي، قابو وڃي ڪيڙي،
آئٌ بيوس ٿيڙي، ڪنهن عجب اسرار سان وو.
(رسالو خدائي، ص263)

امين سائينءَ جي ڪافيءَ جي ٽل جا ٻئي آخري پد ۽ بند جو آخري پد پاڻ ۾ هم قافيا آهن ته بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيو پد پاڻ ۾ هم قافيئي آهن. هر بند جا ٽئي پد جدا جدا هم قافيا آهن. بنايو، چڪايو، الايو، سهايو، لايو، رايو، ايائي، ترائي، ڪهائي، ڪنعان، پنهان، نهان، جاني، ڪامراني، ڪوڙي، موڙي، توڙي، ناهي، ساهي، ڦاهي، ڪهاٽي، سجاٽي، چاٽي، لائي، پائي، سڏائي هن ڪافيءَ جا قافيا آهن. ساڳئي وقت منٺار فقير جي ڪافيءَ جا قافيا به مخدوم امين جي ڪافيءَ جي ترتيب موجب بيهاريل آهن. سينگار، جهنڪار، منٺار، ويچاري، ماري، زاري، ٻٽي، ڪٽي، هٽي، ارادون، مرادون، شادون ٻيا قافيا استعمال ٿيل آهن. يعني پڪن ڏٽيءَ جي ٽل ۽ اٺن بندن ۾ چوٿيهه قافيا استعمال ٿيل آهن ته منٺار فقير جي ٽل ۽ ڇئن بندن ۾ ارڙهن قافيا آندل آهن ته گڏو گڏ 'سان وو' بار بار آندو ويو، جنهن کي اُن ڪافيءَ جو رديف سڏي سگهجي ٿو.

قافيو شعر ۾ لئه ڪاري پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. خاص ڪري ڪافيءَ ۾ قافيو اهميت ڀريو آهي، ڇاڪاڻ جو قافين جي ورجاءُ ۽ تجنيس حرفيءَ سان پد/تڪ ۾ اندروني موسيقيت پيدا ٿئي ٿي، جيڪا روانيءَ کي قائم به رکي ٿي، ته ساڳي وقت ڳائڻ/ٻڌڻ ۾ سرور به بخشي ٿي. هر پد اندر قافيو خيال کي زوردار بڻائي، اُن جي اثرانگيزيءَ کي وڌائي ٿو.

هن دؤر جو سُڄيت، ذميوار ۽ جديد شاعر، نقاد ۽ ٻوليءَ جو پارکو امداد حسيني ڪافيءَ ۾ قافيي متعلق لکي ٿو:

”قافيو به ٻين لفظن وانگي هڪ لفظ آهي، پر ان جي اهميت وزن کان پوءِ، ٻئي نمبر تي نه، ساڳئي نمبر واري آهي. وزن جي ڪري ئي ڪلام/شاعريءَ کي موزون چيو





ويو، پر ساڳئي وقت 'موزون' هئڻ سان گڏ 'معنيٰ' هئڻ جو شرط به لاڳو ڪيو ويو آهي. سو قافيو هڪ لفظ ته آهي، پر هڪ خاص لفظ آهي ۽ پنهنجي مقرر جڳهه تي اچي ٿو. ڪافيءَ جي صنف ۾ قافيي جو جڙاءُ، اُن جي سونهن کي سرس ڪري ٿو ۽ سُر ۽ معنيٰ کي هٿي ڏئي ٿو. مثلاً: ٽل ۾ ٻتو قافيو رکڻ، مصراعن ۾ الڳ قافيا رکڻ ۽ ٽل سان جوڙ وارين سِٽن ۾ وري ٻتو قافيو رکڻ.“(13)

## مخدوم محمد امين ۽ منٺار فقير:

هنن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ فني هڪجهڙاين جا ڪيترائي مثال ملن ٿا، ته فڪري طور به هي ٻئي شاعر ساڳيءَ واٽ تي هلندي نظر اچن ٿا. حُسن ۽ عشق، فڪر ۽ فنا، حقيقت، وحدت الوجود مطلب ته ڪيترائي موضوع ۽ مضمون ٻنهي وٽ ساڳيا آهن. هت ڪجهه اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا.

انسان فطري طور تي هر خوبصورت شيءِ، منظر ۽ مخالف جنس کي پسند ڪري ٿو ته ان کي حاصل ڪرڻ جا جتن به ڪري ٿو. حُسن انساني جبلت آهي ۽ عشق ان جبلت جي پنيان لڪيل جذبو آهي، تنهن ڪري اسين جڏهن حُسن جو ذڪر ڪندا آهيون. ته عشق جو به ذڪر ڪندا آهيون. اهڙيءَ ريت عشق جي ذڪر ۾ حُسن جو ذڪر ٿيڻ به فطري آهي، ڇاڪاڻ جو هي ٻئي لازم ملزوم آهن. عشق جا ڪيترائي رنگ نظر اچن ٿا، پر حقيقت ۾ عشق جو فقط هڪ ئي رنگ، ڍنگ ۽ انداز آهي، اهو آهي پاڻ ارپڻ – عاشق پاڻ کي معشوق جي سُپرد ڪري ڇڏي بنا ڪنهن لوڀ، لالچ، خودغرضي ۽ مفاد جي!! بس جيڪو ڪجهه هجي اهو ان عاشق جو معشوق ئي هجڻ گهرجي. سڀ اختيار ان جي حوالي ڪري خود کي ان جو عڪس، پرتوو بڻائجي! پوءِ پلي ان جي جواب ۾ عاشق کي ڪيتري ئي اذيت، پيڙا، بدنامي ئي ڇو نه برداشت ڪرڻي پوي. مخدوم امين محمد پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ عشق جي رنگ ڍنگ جو اظهار هيئن ڪيو آهي. چئي ٿو:

عشق آندا سامان سينگاري، جلد بهادر جنگي يارو
عقل هليو اسباب اٿلي، مرد مبارڪ ننگي يارو

عشق آٽي ڪيا دل ۾ ٽاٽا،
تسبيح تقويٰ اتي اُڏاٽا،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مور چڙي ويا ماٽا تاٽا،
راز ڏسي سڀ رنگي يارو.

عشق عقل جا تو سڀ شهر اجاڙي،
ٻاهه برهه جي سڀ گهر ساڙي،
آٽي آتش اوڙي ياڙي،
جيئن سو پُور پُشنگي يارو.
(ڪليات امين، ص136)

مننار فقير به اُن جي بيان ۾ ساڳي حالت ۽ ڪيفيت جو ذڪر ڪري رهيو آهي.

عشق، چيپي، چيرو آهي چَر،
لڳي جن کي، تنهين کي آهي خبر.

عشق وڃائي تو آرام، نيٽين ننڊڙي آهه حرام،
لذت نه ڏيندو تيل طعام، هول پريان جا هِت هر هر!

چڏي مننار، مال ملڪ، تَرڪ ڏئي ٿيا تارڪ،
سَڙين سوا ٻيو ڏاران سِڪ، جيڪو اسباب هو منجهه اندر.
(رسالو خدائي، ص484)

وحدت الوجود جي موضوع هيٺ ٻنهي شاعرن جو ڳچ ڪلام موجود آهي. شروع کان ئي حق جي پانڌيئڙن خدا ۽ انسان جي وچ واري وٿي کي قبولڻ کان انڪار ڪيو آهي. هنن جو خيال آهي ته جڏهن هُو (حق تعاليٰ) آهي ته پوءِ ٻيو ڪجهه به باقي ناهي، جيڪو ڪجهه آهي، ان مان ئي آهي ۽ اهو واپس اُن ۾ ئي وڃي هڪ ٿيندو. ان لاءِ انسان کي خود تي ويچار ڪري حق جي تلاش ڪرڻ گهرجي. مخدوم امين محمد چئي ٿو:

هن ته حياتيءَ ساڻ، مر ته مري مزا ماڻ،
صورت ۾ سلطان جي، پئي پڇائج پاڻ،
هن حياتيءَ جي حال ۾، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ.
(ڪليات امين، ص134)

مننار فقير چئي ٿو:

ميان حُسن ۾ حق پاڪ سڃاڻج تون، ٻيو غير مَ دل ۾ آڻج تون





صورت ۾ رک سچ سچائي، ٻوڙ غير دليل ٻيائي
هر دم جاڻج هڪ هيڪڙائي، ان منزل محبت ماڻج تون

چئي 'مننار' آهي هي معنيٰ
مورت صورت ٻئي سبحانا
منزل معرفتي لاثانا
تون حق هڪو پر ڏسڻ ۾ ڏون
(رسالو خدائي، ص230-226)

حسين بن منصور الحلاج صوفين جو سردار سڏيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هن پنهنجي اختيار مان نڪري ڀيريون ڀيرو خدا ۽ بندي جي وچ واري فرق جي نفي ڪندي، وڏي واڪي 'اناالحق' جو نعرو بلند ڪيو، تنهن ڪري مٿس وقت جي حاڪم سندس ان فڪر کي سمجهڻ جي بجاءِ، سياسي بنياد تي درٻاري قاضيءَ کان فتويٰ لاڳو ڪرائي ڦاهيءَ تي لٽڪايو، پر تاريخ شاهد آهي ته اڄ ان حاڪم ۽ قاضيءَ کي ڪير به ياد نه ٿو ڪري، پر هڪ سچي حق گو ۽ مظلوم انسان حسين بن منصور الحلاج کي هر هڪ ياد رکيو اچي. جڏهن وقت جا سمورا ماپا اوهان کي غلط ثابت ڪري به وجهن ۽ اوهان پوءِ به پنهنجي حق تي قائم هجو ۽ پوءِ ڀلي اوهان ان مقصد ۾ ماريا به وڃو ته به تاريخ/ ايندڙ وقت اوهان کي پنهنجي دز مان هڪ ٻيو فڪري جنم ضرور ڏيندي. سو حسين بن منصور اڄ به اسان سمورن جي دلين ۾ امام حسينؓ کان پوءِ حق گو ۽ مظلوميت جي علامت طور زنده آهي. مخدوم امين محمد پڪن ڏٺيءَ به پنهنجي سنڌي، سرائڪي ڪلام ۾ حسين بن منصور جو ذڪر ڪيو آهي:

آکي 'اناالحق' آپ ڪهايم
'اناالحق' حلاج الايا، جنهن کل ڪند ڪپايا،
جسمي حال حلاج سڏا ڪر، آڻ 'اناالحق' ڳاوين،
آک 'اناالحق' تي اظهار، وچ وحدت وچ ملڪ مٿيندا.
(ڪليات امين، ص185، 188، 196)

مننار فقير جي ڪلام ۾ ڪيترين ئي جاين تي مختلف حوالن سان حسين بن منصور حلاج جو ذڪر ملي ٿو:

حلاج تي حڪم هلايو تو، اناالحق چوايو تو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

منصور مرد اناالحق چيو

مرد منصور ٿي آيو، سوريءَ تي جنهن سر سنپاهيو

اناالحق جي تہ ٻولي ڪنهن اَلائي آ، اهو مرد منصور چڙهيو وڃي ڦاهي ڦاهي

(رسالو خدائي، ص238، 227، 4، 278)

هت مختصر طور سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ، بيت ۽ ڏوهيڙي جي مرشد ۽ مريد شاعر مخدوم امين پڪن ڏٽي ۽ منٺار فقير راڄڙ جي ڪافيءَ جو هڪ گڏيل مختصر مطالعو ڪيو آهي جنهن مان اسان کي منٺار فقير جي ڪلام تي امين سائينءَ جي اثر جو پتو پئي ٿو تہ ٻنهي جو ڪلام راڳن، سُرن ۽ وڄتن مطابق سرجيل ۽ ترتيب هيٺ آيل آهي. ساڳئي وقت ڪافيءَ جا مروج گهاڙيٽا يڪي، ٻہ تالي، ٽي تالي ۽ چار تالي ٻہ ٻنهي وٽ ساڳيا آهن پر قافين جي مٺا سٺا سان انهن ۾ وسعت آڻيندي، موسيقيت، جاذبيت ۽ اثر پئدا ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ ڪامياب ڪافيءَ گو شاعر کي پڻ جڳائي !

## ڪلام جو مجموعي جائزو:

منٺار فقير جي ڪافيءَ جي قافين متعلق اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي. هت ڪجھ وڌيڪ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا. قافيو جيئن تہ شعر ۾ ۽ خاص طور ڪافيءَ ۾ لئہ ڪاري پئدا ڪري ٿو، ان ڪري ڪافيءَ گو شاعرن کي پنهنجي ٻولي ۽ ان جي اندروني موسيقي ۽ لفظي حُسناڪيءَ کان گهڻو باخبر رهڻو پوي ٿو. ايئن بہ شاعر ئي پنهنجي ٻوليءَ جو رکوالو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو جيڪو ڪجھ لکي ٿو، ان جو اهو ٻول جي گائڪيءَ جي صورت وٺي ٿو، تہ اهو ٻڌندڙ تي گهرو اثر ڇڏي ٿو. اهڙي ريت نہ رڳو شاعر جو خيال سفر ڪري ٻئي تائين پهچي ٿو، پر ان جا لفظ يعني ٻولي بہ سفر ڪري ٿي. اُن صورت ۾ اُن کي پنهنجي لکيل/ ڳالهايل هر لفظ جو ذميوار بہ رهڻو آهي. منٺار فقير جي ڪافيءَ جا گهاڙيٽا يڪا، ڏيڍا، ٻيٽا، ٽيٽا ۽ چئوٽا آهن، ان ۾ بہ هن ٻوليءَ جي حسناڪيءَ سان گڏوگڏ قافين جي چونڊ سان پنهنجي ڪافيءَ کي خوبصورتي بخشي آهي. رسالي خدائيءَ ۾ سندس اهڙيون ڪيتريون ئي مُترنم ۽ سلاست ڀريون ڪافيون موجود آهن.

مون کي معشوق، ماريو ملڪ حسن، بندوق هڻڻ سين،

جو هڻي ٿو هوڪ دناليون، ڏوڪ ويتر، ڪوڪ ڪرڻ سين.

1- جنهن جا زلف نانگ، ڪرن سانگ، وجهن وات ورڻ سين،





پرن واريون، تکيون تراريون، ڏاهيو ٿيو رکن ڊرڻ سين.

2- اکڙيون ڪئَين، نسنگ نئَين، ڪري خوب ڪٽڻ سين،

سي ڪيف ڪٽاريون، زهر داريون، مارن ٿوپ ٺرڻ سين.

3- نڪ جون ناليون، آهن دوناليون، دبي ٿي باھہ ٻرڻ سين،

تنهن نظر گهاءُ ڪيس، مداءُ ٿيس، قريب مرڻ سين.

4- ڏندن داڻ، جئن ڪماڻ، ٿيا چپ چاڙهہ، چڙهڻ سين،

ٻي منجھ زبان، قئبر ڪان، ڇٽي دست ڏرڻ سين.

5- چئي 'منٺار' درد وار، ٿيس شڪار، چرڻ سين،

جيئَن اَمير، هٽيو تير، تا ڪن هاج هرڻ سين.

(رسالو خدائي، ص390)

هن ڪافي ۾ سونهن سوپيا جو ذڪر سرس آهي، جيڪو شاعريءَ جو بنياد آهي. هن جي هر سٽ ۾ ٽي قافيا آندل آهن، جنهن ۾ ٽيون قافيو ٽل جي آخري لفظ هڻڻ، ڪرڻ جو هم آواز آهي جنهن جي پڇاڙي ۾ 'سين' رديف طور ڪتب آيل آهي. ۽ سٽ جا باقي ٻہ قافيا پاڻ ۾ هم آواز آهن، اهڙي طرح ٽل ۽ پنجن بندن جي ٻارنهن سٽن ۾ ٽيٽيھ قافيا استعمال ڪيا ويا آهن، جيڪو واقعي ڪمال آهي. هن ئي ڪافيءَ ۾ نڪ جي سوراخن کي دونالي بندوق، ڏندن جي داڻ کي ڪماڻ سان نرالي تشبيھ بہ ڏني وئي آهي، انسان ۾ خوبصورتي پئدا ڪرڻ لاءِ سنهڙو، نفيس جسم تہ اهميت رکي ٿو، پر انسان جو چهرو ان جي خوبصورتي کان ويندي ان جي شخصيت تائين اهم آهي. شخصيت جي رعب تاب، مزاج ٻيو گهڻو ڪجھ چهري مان ئي بکندو آهي. منٺار فقير وٽ ڏيڍي ڪافيءَ جو نمونو بہ موجود آهي، جنهن ۾ هن پڻ قافين جي مٺاسٺا ڪري ان ۾ خوبصورتي آندي آهي:

دلبر جاني! ڪر احساني، نام خدا جي، مانڊي هيڪر نهار.

رسڻ لڪائي، اهو رخ آئي، گهونگهٽ پائي،

سو منهن ڏيکار

چئي 'منٺارو'، عرض ويچارو، ٿيءَ دلدارو،

مون کي درشن ڪار

(رسالو خدائي، ص4-263)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن ڏيڍي ڪافيءَ جو ٽل هڪ سٽو آهي، جنهن ۾ ٽي قافيا آهن. پهريان ٻہ قافيا پاڻ ۾ قافيہ آهن، تہ ٽيون قافيو بند جي وراڻيءَ سان هم قافيہ آهي. ۽ بند ڏيڍو آهي جنهن ۾ چار قافيا آندل آهن، پهريان ٽي قافيا هم قافيہ آهن تہ چوٿون قافيو وري، ٽل جي ٽئين قافي سان هم قافيہ آهي. بند جي وراڻيءَ وارو قافيو ٽل جي آخري قافيي سان هم آواز آهي، جڏهن تہ هر بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيون قافيو پاڻ ۾ هم آواز آهي. هن ڪافيءَ جي جوڙ ڪجهہ هن طرح نظر ايندي.

ٽل: X----------8----------8----------

بند: 7----------7----------7----------

X----------

0----------0----------0----------

X----------

فقير جي ڪلام ۾ چئوٽين ڪافين جو بہ نمونو موجود آهي، جن ۾ پڻ مختلف نمونا جڙيل آهن. هيٺ چارٽ ذريعي اهڙين چند ڪافين جا مثال پيش ڪجن ٿا. جن ۾ نشانن جي صورت ۾ قافين جي نشاندهي ڪيل آهي:

(1) ٽل: (رديف) +X-------------------------

+X-------------------------

بند: 8-------------------------

8-------------------------

8-------------------------

+X-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

(رسالو خدائي، ڪافي: 9-7-306)+X-------------------------

(2) ٽل: . -------------،X-----------

بند: 8-------------------------

8-------------------------





8-------------------------

X-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

(رسالو خدائي، ڪافيءَ: 308) X-------------------------

(3) ٽل: X-----------، -----------

بند: 8-------------------------

8-------------------------

8-------------------------

X-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

7-------------------------

(رسالو خدائي، ڪافيءَ: 319) X-------------------------

منٺار فقير جي ڪافين ۾ ڪيترائي خوبصورت قافيا استعمال ٿيل آهن. هونئن بہ ڪافيءَ جي فڪري اوک ڊوک کان وڌيڪ ان جي فني پهلوءَ تي سوچڻ، لکڻ جي ضرورت ان لاءِ گهٽي ٿي پئي آهي، جو هيءَ صنف تيزي سان لکجڻ بند ٿي وئي آهي. موسيقيت جي علم کان گهٽ شناسائي يا بنهہ نہ جي ڪري ڪافيءَ چوڻ جو لاڙو گهٽ ٿي چڪو آهي. منٺار فقير جي ڪافين ۾ قافين جا هڪ اڌ ٻيا مثال ڏئي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندا سين. روپ ڪانرو ۾ ڪافيءَ نمبر 146 جا قافيا اوکا آهن جن سان هن شاعر خوب نڀايو آهي.

هير زليخان عشق ۾ ٿي آئيون عورتون
ڪي مجنان محبتي، جن ڳوڙها ڳاڙيا
(رسالو خدائي، ص114)

قافين سان جيڪي لفظي ترڪيبون جوڙيون اٿس اهي وڻندڙ آهن، سرير ساڙيا، قرب ڪاڙهيا، سوريءَ تي سلهاڙيا، ڳوڙها ڳاڙيا، لڪين لتاڙيا ۽ ڦڦڙ ڦاڙيا.

تصغيريت بہ شاعريءَ ۾ ميناج ۽ خوبصورتي پيدا ڪري ٿي. قافيي ۾ تصغيريت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سان نباهہ اهو ئي شاعر ڪري سگهي ٿو، جيڪو ٻوليءَ تي عبور رکندي، پنهنجي خيال جي اڇل ڪي لفظن ۾ سموئڻ جو فن رکندو هوندو. منٺار فقير وٽ بہ اهڙا مثال ملن ٿا:

ياد ڪري ڏج يار ڪي، ساٿي! سلامڙا
اهي ڏج نياپا نياز سين، پانڌي پيغامڙا

(رسالو خدائي، ص116)

**ٻيا قافيا:** غلامڙا، نامڙا، انجامڙا، ڪلامڙا.

هڪ ٻي ڪافيءَ ۾ بہ اهڙو مثال موجود آهي:

تنهنجي ناز منهنجي دل نيئڙي، جا وس وقوف ڪان ويئڙي،
ڪجلن واري هنيئَي ڪٽاري، ڪا نہ ڪهل تو ڪيئڙي.

(رسالو خدائي، ص336)

**ٻيا قافيا:** پيئڙي، ٿيئڙي، ٻيئڙي.

منٺار فقير جي ڪافيءَ جي ٻولي نج آهي. ايئن ڪٿي چئجي تہ سندس انداز عوامي آهي. سندس شاعريءَ جو مزاج گيڙو رنگ ۾ ورتل ڏسجي ٿو. عوام ۾ رهندڙ ماڻهوءَ مان ڀنل مٽيءَ جهڙو سَاءُ نہ اڇي، اهو ٿي نہ ٿو سگهي. فقير منٺار حساس دل رکندڙ ۽ فطرت جو گهرائيءَ سان مشاهدو ڪندڙ هو. ٿر جي اڃايل مٽيءَ تي جڏهن برسات جي پهرين بوند ڪرندي آهي تہ مٽيءَ جي سيراب ٿيڻ ڪان پهرئين ٿرين ۽ ٿاريلين جي اکين ۾ هڪ نئين زندگي ڪَر موڙي وري پنهنجو جوڀن پسائڻ لاءِ جاڳي پوندي آهي. ڇمر جي چمڪار سان ڀلر جي ڀالوٽ تہ ٿئي ٿي، پر ڪيترن ئي اڃايل خوابن ۽ احساسن کي ڄڻ محبت، پيار، خوشي ۽ اميد جي مئي مهڪائي وجهي ٿي. ٿر ڇا وُنو ٿاريلين جا جذبا، احساس، خواهشون، خواب ۽ جسم ٻهڪي ٿهڪي اٿن ٿا. ڇاڪاڻ جو پاڻيءَ بنا ڪا بہ حياتي ناهي. پاڻي حيات جو اهم ذريعو آهي. فقير صاحب جُهڙ، مينهن، ٿر، بر جو خوبصورت ذڪر ڪيو آهي. ٿر تي اچا ڪڪر وسڻ جا ويس پيو ڪري تہ ان سان ئي اميد جي روشني وڌي وڃي ٿي. چئي ٿو:

جر ڀلر جا لار يار، ابر وسڻ آڪاڙ ۾ ايندا.

ڏکيا ڏينهن ڏڪار جا ويندا، ٿيندا ساندهہ چار سڪار يار،
رڏون ۽ ڳئونيون ڪيئن رڄ ڪنديون ۽ مرڪندا ميهار يار.

(رسالو خدائي، ص138)





مينهن جي طلب وڌي ٿي وڃي، بيقراري مان مالڪ آڏو ٻاڏائي ٿو:

خالق خلق ڏٽي ڏٽي، موليٰ موڪل مينهن ملڪ تي.
چئي 'منٺار' تہ ملڪ مڙيئَي تان، لاهج تنگي توڻ جي تٽي تٽي.

(رسالو خدائي، ص139)

ڪڪر برسي پيا آهن. هر طرف ملهاري ئي ملهاري آهي. ساوڪ ايتري تہ گهٽي ٿي پئي آهي، جو هر سُو بس مهڪڻ ۽ ٻهڪڻ لڳو پيو آهي. ٿر بر، جبل، جهنگ ڇا ٻهڪيا، ماڻهن جو مُن مهڪي پئي ٿو:

هي رت ساونڻ جي سير، مل محبوب! آسائتي آهيان،
جي اچين عجيب تون اڱڻ اسان جي، تہ ڪندون وراهيان ڪير.

(ص143)

وٺا سپ ولهار مينهڙا چيني، ڄڻ پٽ پوٽيني،
لٺا لطف سان ڏڻ ماڻهن تان، ڏکيا ڏينهن ڏڪار،
مينهن پاڻ مان جوڙي جنسون، خلقيون خلقڻهار.

(ص143)

سارنگ ڪيا سينگار يار، گهڙي هن گهرجين دل گهريا،
نيري گاهہ پٽن تي نڪتا، سبز عجب اسرار يار،
هن رت ۾ هر ڪنهن بشرت ڪي، ڏنو حُسن سونهن ستار يار،
واءُ وُني جو هير وٽي تي، ٿيا مٿان ميگهہ ملار يار.

(رسالو خدائي، ص139)

ڀٽائي سائين سُر سارنگ ۾ ڪمال منظر ڪشي ڪندي 'موٽي ماندباڻن جي واري ڪيائين وار' ۾ ساري عالم تي رحمت ڀريو مينهن وسائيندي خير ۽ آباديءَ جي جيڪا دعا پني آهي، اهو پڪ سان ڀٽائي جهڙي ئي باڪمال شاعر جي فڪري ڪمال جو خوبصورت مثال آهي. منٺار فقير بہ اُن بيت جي طرز تي پنهنجي ڪافيءَ ۾ سنڌ جي شهرن تي رحمت ڀريو مينهن وسائڻ لاءِ خدا کي ٻاڏائي رهيو آهي:

مينهن جا ماندباڻ، خدا تون پاڻ،
واري وساءِ ڪپري ۽ ڪاٺيءَ تي.
ملڪ اتر ڪوَن، روهڙي سکر ڪوَن،
ڪن مؤج پئي مهراڻ، خدا تون پاڻ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مڪيءَ جو ڊورو، سانگهڙ، سنجهورو،
سي وسن سيبئي وٺاڻ، خدا تون پاڻ.
هالا، نصرپور، حيدرآباد، ميرپور،
ٻيا ٽنڊن جا وسن ٽڪاڻ، خدا تون پاڻ.
موهر نارو، سنڌ ساما رو،
پلٽائج پُراڻ، خدا تون پاڻ.
عمرڪوٽ ننگر ۾، پارڪر ٿرن ۾،
نديون ٻرج نياڻ، خدا تون پاڻ.
ملڪ هند جو، ساري سنڌ جو،
اُڄ وڃي ٻيج آڻ، خدا تون پاڻ.
چئي 'مننار' تون ڏاتارو،
وڏڪنئون واڪاڻ، خدا تون پاڻ.
(رسالو خدائي، ص1-140)

مننار فقير جي ڪلام ۾ ڪيترين ئي خوبين ۽ خوبصورتيون موجود آهن، جيڪي فني به آهن ته فڪري به! منجهس سلاست، بلاغت، رواني ۽ ترنم به موجود آهي ته سندس هر هڪ ڪافي موسيقيءَ سان به همڪنار آهي. هت ڪجهه سندس ڪافيءَ جا فني ۽ فڪري مثال ڏنا ويا آهن. ان ڪان سواءِ سندس ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق، بيقراري، تڙپ، لوچ پوچ ڪان ويندي، مومل جي مجاز، سهڻيءَ جي سڪ، سسئيءَ جي تڙپ، نوريءَ جي ناز پرور نياز، مارئيءَ جو ملڪ مير جي لاءِ لُڇڻ ۽ پنهنجي لوئيءَ جي لڄ قائم رکڻ، رانجهي جو هير لاءِ تخت تاج ڇڏڻ ۽ ٻيجل جي ساز ۽ آواز تائين، وحدت الوجود جي مسئلن، طلب، معرفت، نفي، اثبات، فنا، بقا تائين ڪيترائي موضوع، مضمون مننار فقير جي ڪافيءَ ۾ خوبصورتي ۽ لئه ڪاريءَ سان پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري رهيا آهن، جن بابت پڻ تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي.

## پُڄاڻي:

مننار فقير جي شاعريءَ بابت هت جيڪو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي، ان مان جيڪي ڪجهه ثابت ٿئي ٿو، ان موجب هو هڪ ذميوار، باشعور ۽ سجاڳ ذهن رکندڙ





سُريلو شاعر هو. ان لاءِ هن پنهنجي صحبت ۾ رهندڙ چيڙ پيل ۽ الهڏني فقير ماڇيءَ جهڙن راڳين ڪان پنهنجي نظرداريءَ ۾ پنهنجو سمورو ڪلام مختلف راڳن، سُرن، وڄتن ۾ ترتيب ڏياريو ۽ ان مان ٽي رسالا شايع ٿيا ۽ هڪ رسالو قلمي اڄ تائين محفوظ آهي. جنهن سبب هڪ ته فقير جو ڪلام مستند انداز ۾ محفوظ ٿي. اسان تائين پهتو تنهن ڪري سندس ڪلام جي صحت تي آڱر نٿي کڻي سگهجي. چيپل ڪلام ۾ نَو سَوَ ڪان وڌيڪ ڪافيون آهن ۽ اڻڇپيل ڪلام ۾ هڪ اندازي موجب چار سَوُ ڪافيون آهن. ان لحاظ ڪان سندس ڇپيل ۽ محفوظ رهيل ڪافين جو تعداد تيرنهن سَوُ آهي. جيڪو تعداد سندس همعصر ڪافيءَ گو شاعرن مرزا قليچ بيگ، محمد فقير ڪٽياڻ، نواب ولي محمد لغاري، مخدوم امين محمد پکن ڏٽي، محمود فقير ڪٽياڻ، حافظ شام ۽ مصري شاهه جي ڪافين ڪان جهجهو نظر اچي ٿو.

فني ۽ فڪري طور فقير صاحب جي ڪافيءَ ۾ ڪافي وسعت ۽ گهرائي آهي. هن ڪافيءَ جي مروج گهاڙيٽن ۾ قافين جي تبديليءَ سان خوبصورتي پيدا ڪري، منجهس وسعت آندي ته ٻئي طرف فڪري لحاظ ڪان پڻ هن ڪافيءَ ۾ ڪيترائي موضوع ۽ مضمون ڳايا. ان سان گڏ هن جي ڪافيءَ ۾ ڪيترين ئي ادبي خوبيون مثلاً تشبيهه، استعارو، تلميع ۽ صنعتون موجود آهن. ته ٻئي پاسي سندس عوامي انداز پڻ ڪافيءَ ۾ رنگيني ۽ خوبصورتي پيدا ڪري رهيو آهي، تنهن ڪري ان بنياد تي مننار فقير کي ڪافيءَ جو نرالو ۽ خوبصورت شاعر سڏي سگهجي ٿو.

مننار فقير جو ڪلام خاص طور رسالي خدائي اعلىٰ تحقيقي معيارن موجب نئين سر ترتيب ڏئي، مٿس عالمانه ۽ تنقيدي شعور وارو مقدمو لکي، سندس ڪافيءَ جي سمورين خوبين، خوبصورتين، رنگينن ۽ ٻوليءَ جي حسناڪين کي تفصيل سان نروار ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هي ڪافيءَ جو پنهنجي دور جو انتهائي اهم شاعر آهي. هن جي ڪافيءَ جي گائڪي توڙي راڳي فقيرن متعلق پڻ لکڻ گهرجي. اهڙي طرح سنڌ جي ڪافيءَ جو اهم باب رقم ڪري سگهجي ٿو. ان ڏس ۾ سنڌ جي يونيورسٽين کي پنهنجي تحقيقي ڪم ۾ مننار فقير جهڙي ڪافيءَ جي نرالي ۽ خوبصورت شاعر کي شامل ڪرڻ گهرجي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا ۽ حاشيا

1. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ص303، پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو، چوٿون ايڊيشن 1999ع

2. پروفيسر محبوب علي چنه (مرتب)، ڪليات امين، ص43 کان 76 (مختلف صفحا) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو،1990ع. هنن شاعرن لاءِ ڏسجي راقم جو اڇپيل مقالو: 'مخدوم نوحؒ جي سلسلي جا شاعر'.

3. ڪلام منٺار فقير راڄڙ رسالو خدائي، ص23-21، درگاهه منٺار فقير راڄڙ، ڪاٽي راڄڙ، ڪپرو، ڇاپو ٻيو، 1987ع.

4. چيڙ پيل: بنيادي طور گائڪ هو. صوفي فقيرن جون ڪافيون ڳائيندو هو. اصل خيرپور ميرس طرف جو وينٺل هو. منٺار فقير جي هاڪ ٻڌي ساڻس ملڻ آيو ۽ پوءِ اتان جو ئي ٿي رهجي ويو. ڪيس فقير جي درٻار جو خاص الخاص ڳائڻو چئي سگهجي ٿو. راڳداري جي علم کان چڱي ريت واقف هو. تنهن ڪري فقير جي ڪلام جي ترتيب راڳداري هيٺ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. هن منٺار فقير جي وفات کان هڪ سال پوءِ سن 1354هه/ ۾ هي جهان ڇڏيو، ڪيس فقير جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. (رسالو خدائي، ص31، 1987ع)

5. الهڏنو فقير ماڇي ولد جيئندو ماڇي، ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو ضلعي سانگهڙ ۾ سنه 1880ع ۾ پئدا ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هيس. پير حسن بخش ڌنڙي واري جي مريديءَ ۾ شامل ٿي ڳائڻ وڄائڻ ۾ پختگي حاصل ڪيائين. منٺار فقير جي هاڪ ٻڌي وٽس کهي آيو ۽ پوءِ سندس صحبت ۾ گذاريائين. راڳداريءَ جي علم کان چڱي ريت واقف هو. پنهنجي ٻاري ٺاهي ڳائيندو هو. سندس گائڪيءَ جي پري پري تائين هاڪ هئي. خود به شعر چوندو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لکت موجب سندس چيل ڪافين جو تعداد هڪ هزار کان مٿي آهي، ان کان سواءِ بيت به چيا اٿس. الهڏنو فقير 80 ورهن جي ڄمار ۾ 2 ذوالحج 1381هه/ 7 مئي 1962ع تي وفات ڪئي. ڪيس درگاهه منٺار فقير راڄڙ ۾ دفنايو ويو.

6. راڄ محمد پلي، منٺار فقير ۽ سندس ڪلام، ص124، (مقالو)، ٽماهي مهراڻ 1/1967ع.

7. دائود فقير مگٽهار اصل هندستان جي شهر احمد آباد جو هو، جتان اچي ڳوٺ جوهيلي نزد ڪپري ۾ درويش سيد روشن علي شاهه جي خدمت ۾ رهيو، ڪجهه وقت کان پوءِ شاهه صاحب جي حڪم تي منٺار فقير جي صحبت ۾ داخل ٿيو ۽ راڳ ڳائڻ سان گڏوگڏ شعر به چوڻ لڳو. مرشد جي صحبت ۾ شادي نه ڪيائين، نيٺ مائٽن جي اصرار ۽ مرشد جي اجازت سان واپس ڳوٺ احمد آبا ويو، اُتي وڃي نڪاح ڪيائين.

8. احمد فقير جي حياتيءَ جو احوال ميسر نٿو ٿئي ٿو. منٺار فقير جي صحبت ۾ رهڻ ڪري شعر





چوڻ لڳو فقير جي اڇپيل رسالي صدائي ۾ سندس ڪلام شامل آهي.

9. پريل فقير مشهور راڳي چيڙ فقير پيل جو پٽ هو. سنه 1911ع ۾ جنم ورتائين. ڪجهه وقت سير سفر ۾ گذاريائين. ست درجا سنڌي پڙهيل هو. والد ۽ منٺار فقير جي صحبت ۾ رهندي راڳداريءَ جو چڱو علم حاصل ڪيائين. خود به شعر چوڻ لڳو. ڪافيءَ، بيت، سه حرفي، مناجات، غزل سندس ئي تيار ڪيل رسالي ۾ موجود آهي. 'پينار' تخلص ڪندو هو. منٺار فقير جي تربيت ۾ رهندي درگاهه مخدوم نوحؒ جي سورنهين سجاده نشين مخدوم غلام محمد 'مغموم' جو مريد ٿيو. پريل پينار سنه 1969ع ۾ وفات ڪئي ڪيس والد چيڙ پيل جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي شعر جو نسخو تيار ڪري ويو. جيڪو درگاهه منٺار فقير تي رکيل آهي.

10. منٺار فقير کي هڪ ئي پٽ فقير پير بخش هو. هُن منٺار فقير جي حياتيءَ ۾ئي پنهنجا ٻه پٽ ولي بخش ۽ فقير قبول محمد ڇڏي وصال ڪيو. ان صدمي فقير کي جهوري وڌو. وڏي سڪ مان ٻنهي پوٽن جي تربيت پاڻ ڪيائين. سندس رحلت کان پوءِ فقير ولي بخش گادي نشين ٿيو ۽ درگاهه تي مختلف تعميرات ۽ جماعت کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. راڳداريءَ کان واقف هو خود به شعر چوندو هو. سندس ڪلام 'پرين تنهنجي پياس ۾'، منٺار فقير اڪيڊمي 1999ع ۾ شايع ڪيو. تاريخ 29 محرم 1404هه/ 5 نومبر 1983ع تي وفات ڪيائين.

11. رسالو خدائي، ص9-38 (حوالو اڳ آيل)- رسالو مرتضائي، ص14، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو چوٿون 2014

12. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، مضامين طالب المولىٰ، ص8-5-244، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، 1994ع.

13. امداد حسيني، عجب رنگي رخسار ڏنم، ص53، (مقالو)، سنڌي ٻولي، ايڊيٽر: تاج جويو، سنڌي ٻولي اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ، جنوري- مارچ 2014ع.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair